# صدقي جا فضائل

09-March-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

9 مارچ، 2023 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# صدقي جا فضائل

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...**

✿... نابِين، ڪوڙهه واري، ۽ گنجي جو امتحان

✿... بصر ئي صدقو ڪري ڇڏيو ها......

✿... سڀ کان وڏيڪ نقصان ۾ ڪير...؟

✿... خراب جي بدلي خراب مِليو

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَۃُ العِلمیہ** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہِ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمينٽ** (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عَوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن نبين جا سردار، مديني جا تاجدارصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهران ٻاهر نڪتا ۽ هڪ باغ ڏانهن رُخ ڪيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڏسي سندن پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باغ ۾ داخِل ٿيا، قبلي ڏانهن منهن ڪيو ۽ مٿو سجدي ۾ رکيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پري بيهي ڏسندا رهيا، فرمائن ٿا: بيڪسن جي مددگار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ڊگهو سجدو ڪيو، ايستائين جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي سجدي ئي جي حالت ۾ الله پاڪ رُوح مُبارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي، اهو خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس، منهنجي قدمن جو آواز ٻُڌي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿو مُبارَڪ کڻي پڇيو: ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: حُضُور! عَبدُالرَّحمٰن. فرمايائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان ايترو ڊگهو سجدو ڪيو، مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي الله پاڪ سجدي ئي ۾ رُوح مُبارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي.

سچي عاشق جي محبت ڀري ڳالهه ٻڌي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڊگهي سجدي جي حڪمت بيان ڪندي فرمايو:

مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام حاضِر ٿي ٻڌايو: يارسولَ الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِه وَسَلَّم! الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِه وَسَلَّم! جيڪو اوهان تي درود پڙهندو، مان ان تي رحمتون نازِل ڪندس، جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي موڪليندس. ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايترو ڊگهو سجدو ڪيو.(1)

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! ❁ دُرود ڪنهن کي پڙهڻو آهي؟ امّتيءَ کي ❁ رحمت ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ امّتيءَ تي ❁ سلام ڪنهن کي موڪلڻو آهي؟ امّتيءَ کي ❁ الله ڪريم جي سلامتي ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ اُمّتيءَ تي ❁ شڪر جو سجدو ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ اُمّت جي غم ۾ رهڻ وارو، شفاعت فرمائڻ وارو، اُمّت کي بخشائڻ وارو، جنّت ۾ پهچائڻ وارو آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِه وَسَلَّمَ ...! سُبۡحٰنَ الـلّٰـه! اندازو لڳايو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِه وَسَلَّمَ کي پنهنجي امّت سان ڪيترو پيار آهي. الله! الله! امّت گناهه ڪري، آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِه وَسَلَّمَ راتيون روئي، روئي ڪري گذارين، امّت کي نعمت ملي آقا شڪر صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِه وَسَلَّمَ جا سجدا ڪن. اعلٰي حضرت جا ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبت | ہے ترکِ اَدَب! ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو[2] |

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِه وَسَلَّم! اوهان کي غلامن سان ايتري محبت آهي، هي ادب نه آهي، نه ته اسان چئون ته اوهان پنهنجي غلامن تي فدا آهيو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ...مسند اَحۡمَد، جلد:1، صفحه:191، حديث:1664۔

2 ذوقِ نَعت، صفحه:211 ۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڏي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!
❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نابين، ڪوڙهه واري ۽ گنجي جو امتحان

هڪ ڊگهي حديثِ پاڪ ۾ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللهُ عَلَيه وَاٰلِه وَسَلَّمَ بني اسرائيل جي 3 ماڻهن جو واقعو بيان فرمايو، تمام عبرتناڪ ۽ سبق آموز واقعو آهي، مان توهان کي پنهنجي لفظن ۾ خلاصو ٻڌايان ٿو. **بني اسرائيل ۾ ٽي(3) شخص هئا انهن مان هڪ بَرَص (ڪوڙهه يعني جسم تي سفيد نشانن) جو مريض، ٻيو گنجو ۽ ٽيو نابين هو.** الله انهن جي آزمائش جي لاءِ هڪ ملائڪ کي انساني شڪل ۾ موڪليو، **هاڻي اهو ملائڪ سڀ کان پهريان بَرَص (يعني ڪوڙهه) واري مريض وٽ آيو ۽ اُن کان پڇيو: توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟**

(هي انساني عجيب طبيعت آهي جو ماڻهو انهيءَ شيءِ کي پسند ڪندو آهي، جيڪا ان وٽ ناهي هوندي، برص جي مريض جي جسم تي چو تہ اجا داغ هئا، ان وٽ صاف رنگ ۽ صاف سٿري جلد (*Skin*) نہ هئي، جيئن تہ ملائڪ جي سوال تي) بَرَص جي مريض چيو:

---

[1]... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

مون کي سنئي رنگت ۽ خُوبصُورت چمڙي پسند آهي. هي ٻڌي ڪري ملائڪ اُن جي جسم تي هٿ ڦيريو تہ ان جي اها بيماري ختم ٿي وئي ۽ اُن جي رنگت سنئي ۽ جِلد خُوبصُورت ٿي وئي. ملائڪ ٻيهر ان کان پڇيو: توکي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: مون کي اُٺ پسند آهن. انهيءَ وقت ان کي هڪ حامل ڏاچي ڏني وئي ۽ ملائڪ دُعا ڏني: الله پاڪ توکي ان ۾ برڪت ڏئي.

**ان کان پوءِ اهو ملائڪ گنجي وٽ آيو،** ان کان پڇيائين: توکي ڪهڙي شيءِ سڀ کان وڌيڪ پسند آهي؟ اُن چيو: مون کي خُوبصُورت وار وڌيڪ پسند آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ منهنجي اها گنجاڻ ختم ٿي وڃي، ڇو تہ اِن جي ڪري ماڻهو مون کي حقيرسمجهن ٿا. ملائڪ ان تي هٿ ڦيريو تہ ان جو گنجاڻ ختم ٿي وئي ۽ اُن کي خُوبصُورت وار عطا ڪيا ويا، پوءِ ملائڪ ان کان پڇيو: تو کي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: مون کي ڳئون وڌيڪ پسند آهي. پوءِ ان کي هڪ ڍُڪي ڳئون ڏني وئي ۽ ملائڪ ان جي لاءِ بہ دُعا ڪئي تہ الله پاڪ تو لاءِ هن ۾ برڪت ڏئي.

**هاڻي اهو ملائڪ نابين وٽ آيو** ۽ اُن کان بہ پڇيائين تہ توکي ڪهڙي شيءِ سڀ کان وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: مون کي هي پسند آهي تہ الله پاڪ مون کي اکين جو نور عطا ڪري تہ جيئن مان ماڻهن کي ڏسي سگهان. ملائڪ ان تي هٿ ڦيريو تہ الله پاڪ ان کي اکين جي روشني عطا ڪري ڇڏي. پوءِ ان کان پڇيائين: توکي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: ٻڪريون. پوءِ ان کي هڪ ڍُڪي ٻڪري ڏني وئي.

الله پاڪ انهن ٽنهي جانورن ۾ گهڻي برڪت عطا فرمائي. هاڻي ڏاچي، ڳئون ۽ ٻڪريءَ ڦَر ڄڻڻ شروع ڪيا، ڪجھ ئي عرصي ۾ انهن ٽنهي جي جانورن ۾ ايترو اِضافو ٿيو جو انهن جانورن سان ميدان ڀرجي ويو.

ڪجھ عرصي کان بعد اهي ٽئي تمام مالدار ٿي چڪا هئا، پوءِ ملائڪ اُن بَرَص (يعني ڪوڙھ) جي مَرَض واري وٽ ان جي پهرين صُورت يعني بَرَص جي حالت ۾ آيو ۽ ان کي چيائين: مان هڪ غريب ۽ مسڪين آهيان، ۽ منهنجو سامان ختم ٿي ويو آهي، واپس وڃڻ جي ڪا صُورت نظر نہ پئي اچي، پر الله پاڪ جي رحمت مان اُمّيد آهي ۽ مان تنهنجي مَدَد جو طَلَبگار آهيان. جنهن ذات توکي خُوبصُورت رنگت ۽ جِلد ۽ ايتري قدر مال عطا ڪيو آهي، مان توکي ان جو واسطو ڏيان ٿو تہ مون کي هڪ اُٺ ڏئي ڇڏ تہ جيئن مان پنهنجي منزل تائين پهچي سگهان، اهو بڌي اُن شخص منع ڪندي چيو تہ مون تي پهريان ئي گھڻيون ذِمّيداريون ۽ حق آهن. ملائڪ چيو: مون کي ائين لڳي ٿو تہ مان توکي سڃاڻان ٿو، ڇا تُون اهو ئي نہ آهين جنهن کي ڪوڙھ جي بيماري هئي ۽ ماڻهو تو کان نفرت ڪندا هئا ۽ تون فقير ۽ محتاج هئين، پوءِ الله پاڪ تو کي مال عطا ڪيو. ان چيو: مون کي تہ هي سڄو مال وِراثت ۾ مليو آهي ۽ نسل دَر نسل اهو مال مون تائين پهتو آهي. ملائڪ چيو: جيڪڏهن تون پنهنجي هن ڳالھ ۾ ڪوڙو آهين تہ الله پاڪ تو کي اهڙو ئي ڪري ڇڏي جهڙو تون پهرين هئين.

**اهڙيءَ طرح پوءِ اهو ملائڪ گنجي وٽ** اُن جي پهرين صُورت ۾ آيو ۽ اُن سان بہ اها ئي ڳالھ چئي جيڪا بَرَص واري سان چئي هُيائين. ان بہ بَرَص واري وانگر جواب ڏنو. ملائڪ چيو: جيڪڏهن تون پنهنجي ڳالھ ۾ ڪوڙو آهين تہ الله پاڪ توکي تنهنجي پهرين واري حالت ۾ موٽائي ڇڏي.

**پوءِ ملائڪ نابين وٽ ان جي پهرين واري حالت ۾ آيو** ۽ چيائين: مان هڪ مسڪين ۽ مسافر آهيان ۽ منهنجو سامان ختم ٿي ويو آهي. اهڙي حالت ۾ پنهنجي منزل تائين نٿو پهچي سگهان، پر الله پاڪ جي ذات ۾ اُمّيد آهي ۽ ان

کان پوءِ مون کي تنهنجو آسرو آهي. مان اُنهيءَ ذات جو واسطو ڏئي توکان سوال ڪيان ٿو، جنهن توکي اکيون عطا ڪيون تون مون کي هڪ ٻڪري ڏي ته جيئن مان پنهنجي منزل تائين پهچي سگهان. ته هو چوڻ لڳو: واقعي مان پهريان نابين هئس، الله پاڪ مون کي اکيون عطا ڪيون ۽ غريب هئس، الله پاڪ مون کي غني ڪري ڇڏيو، تون جيترو چاهين هن مال مان ڪٽي وٺ ۽ جيترو چاهين ڇڏي ڏي. الله پاڪ جو قسم! تو جيترو مال الله پاڪ جي خاطر وٺڻ چاهين ٿو ڪٽي وٺ.

اهو ٻڌي ملائڪ چيو: تنهنجو مال توکي مُبارڪ هجي، اهو سمورو مال تون پاڻ وٽ ئي رک. توهان ٽنهي جو اِمتحان ورتو ويو، تنهنجي لاءِ الله پاڪ جي رضا آهي ۽ تنهنجي ٻنهي دوستن (يعني ڪوڙهي ۽ گنجي) جي لاءِ الله پاڪ جي ناراضي آهي.[1]

عفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا
تو ہے معطی وہ ہیں قاسم یہ کرم ہے تیرا

گر کرم کر دے تو جنت میں رہوں گا یارب!
تیرے محبوب کے ٹکڑوں پہ پلوں گا یارب![2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مال جي آفت ڪٿان کان شروع ٿيندي آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۾ بيان ٿيڻ واري هن سبق آموز واقعي ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا ڪوڙ مدني گُل آهن، هڪ اهم مدني گُل جيڪو هن واقعي مان سکڻ جي لاءِ ملي ٿو اهو هي ته مال جون ڪوڙ آفتون آهن. مال انسان کي مغرور بڻائي ڇڏيندو آهي. مال جي سبب انسان غفلت جو شڪار ٿي

---

[1] بخاری ،کتاب احادیث الانبیاء،باب حدیث ابرص و اعمی...الخ، صفحہ:888 ،حدیث:3464 خلاصۃً۔
[2] وسائلِ بخشش ،صفحہ:85۔

ويندو آهي. مال جي سبب ڪيترن ئي گناهن جو دروازو کُلي ويندو آهي. ايستائين جو مال ڪڏهن ڪڏهن بُري خاتمي جو سبب بڻجي ويندو آهي. البت مال جي انهن تمام آفتن جو بنياد هڪ آهي ۽ اهو هي آهي تہ ❁ ماڻهو مال کي پنهنجي ملڪيت سمجهي ويهي. جڏهن انسان مال کي پنهنجي ذاتي ملڪيت، پنهنجي محنت ۽ مزوري جي ڪمائي جو نتيجو سمجهندو آهي تہ ان ۾ غرور بہ اچي ويندو آهي. جڏهن ماڻهو مال کي پنهنجي ملڪيت سمجهندو آهي تہ ان ۾ خودپسندي بہ ايندي آهي ❁ عياش پرست بہ ٿي ويندو آهي❁ فضول خرچ بہ ٿي ويندو آهي. زڪوات ۽ مال جي ٻين حقن کي ٽيڪس جو نالو بہ ڏيندو آهي ۽ ❁ ناشڪري جي پَنور ۾ ڦاسي ڪري راهِ هدايت کان تمام گهڻو پري نڪري ويندو آهي.

ان ڪري الله پاڪ اسان کي مال ۽ دولت جي نعمت سان نوازي تہ اسان کي پنهنجي پهرين حالت کي هرگز وسارڻ نہ گهرجي، اسان جڏهن دنيا ۾ آياسين خالي هٿين هئاسين، جڏهن دنيا مان ويندا سين تہ خالي هٿين ئي ويندا سين، انهن ٻنهي حالتن جي وچ ۾ اسان کي جيڪو مال ۽ دولت، رتبو ۽ مقام مليو آهي، اهو اسان جو ذاتي ناهي، الله پاڪ جو عطا ڪيل آهي، هي الله پاڪ جي ئي ملڪيت آهي، اسان صرف ۽ صرف ان مال جا اَمين ۽ خليفا آهيون. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاَنۡفِقُوۡا مِمَّا جَعَلَكُمۡ مُّسۡتَخۡلَفِيۡنَ فِيۡهِ ؕ<br>(سيپارو: 27، سورة حديد: 7) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ان جي راهہ ۾ ان مال مان خرچ ڪيو جنهن ۾ الله توهان کي جانشين بڻايو آهي. |

يعني اي انسانو! هي مال جيڪو توهان جي قبضي ۾ آهي، هي سڀ الله پاڪ جو آهي، ان توهان کي نفعو ڪڻڻ جي لاءِ ڏنو آهي، توهان حقيقي طور تي ان جا

مالڪ نہ بلڪ نائِب ۽ وڪيل جيان آهيو.[1]

## قارون جي هڪ باطني بيماري

قارون وڏو مالدار هو، ان جيترو مالدار اڄ بہ شايد دنيا ۾ نہ هجي، ان جو خزانو نہ بلڪ ان جي خزاني جون صرف چابيون ڪيئي اُٺن تي رکيون ويندڀون هيون، اهو مال جي آفت ۾ مُبتلا ٿيو، ان الله پاڪ جي نبي حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلَام جي گستاخي بہ ڪئي، الله پاڪ جي احڪام جي نافرماني بہ ڪئي، آخر ان کي زمين ۾ غرق ڪيو ويو، الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَخَسَفْنَا بِهٖ وَ بِدَارِهِ الْاَرْضَ ۫ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ یَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِیْنَ (۸۱)

(سيپارو: 20، سورة قصص: 81)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي گهر کي زمين ۾ غرق ڪري ڇڏيو سو ان وٽ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله جي مقابلي ۾ ان جي مدد ڪري ها ۽ نہ اهو پاڻ (پنهنجي) مدد ڪري سگهيو.

قارون مال جي محبت ۽ حرص ۽ هَوس ۾ اچي ڪري ڪيئي غلط ڪمَ ڪيا پر ان جي اصل بيماري تي غور ڪيو! اها ڪهڙي باطني بيماري هئي، جنهن سبب قارون مال جي آفت ۾ مُبتلا ٿيو ۽ الله پاڪ جي قهر ۽ غضب جو شڪار ٿي ويو، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ان جي باطني بيماري جو ذڪر ڪيو. ارشاد ٿئي ٿو:

قَالَ اِنَّمَاۤ اُوْتِیْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ عِنْدِیْ ؕ

(سيپارو: 20، سورة قصص: 78)

ترجمو ڪنزالعرفان: (قارون) چيو: هي تہ مونکي هڪ علم جي ذريعي مليو آهي جيڪو مون وٽ آهي.

---

[1] تفسير صراط الجنان،پاره:27، سورهٔ حديد،زيرِ آيت:7، جلد:9، صفحه:718 بتغير قليل۔

قارون جو مچڻ هو تہ هي جيترو مال ۽ دولت ۽ خزانو آهي، هي سڀ منهنجي ذاتي ملڪيت آهي، منهنجي محنت جو نتيجو آهي، مان هڪ علم ڄاڻان ٿو ان علم جي بدولت مون کي هي سڀ مليو آهي، بَس ان کي انهيءَ بُري سوچ ۽ گمان ۽ هن باطني بيماري ڇڏيو ۽ قارون غضبِ الٰهي ۾ مُبتلا ٿي ڪري بُري خاتمي جو شڪار ٿي ويو.

## بندگي جو هڪ اهم اَدب

اي عاشقانِ رسول! هي ڳالھ اسان کي هرگز نہ وِسارڻ گهرجي تہ اسان اللّٰه پاڪ جا ٻانها آهيون، لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئي ڪري اسان اقرار ڪندا آهيون تہ اسان اللّٰه پاڪ جا ٻانها آهيون، اهو ئي اسان جو ربّ آهي، اهو ئي اسان جو خالق آهي، اهو ئي اسان کي پالي ٿو، اهو ئي اسان کي رزق ڏي ٿو، لھٰذا اهو ئي هڪ واحد سچو خُدا آهي جيڪو عبادت جي لائق آهي. لھٰذا پنهنجي بندگي کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي. علاّمہ شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بندگي جي آداب مان هڪ ادب آهي تہ ٻانهي کي جيڪو ڪجھ عطا ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪنهن شيءِ جي باري ۾ پنهنجي ملڪيت جي نہ دعوا ڪري، نہ ئي پنهنجي دل ۾ هي خيال آڻي تہ مان ان شيءِ جو مالڪ آهيان.

علاّمہ ابو الحسن شاذلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن شيءِ جي باري ۾ ملڪيت جي دعوا ڪرڻ ۽ دل ۾ ان جي ملڪيت جو خيال آڻڻ کان بچو! ڇوتہ جيڪو ٻانهو ملڪيت جي دعوا ڪندو آهي، اهو (ڪامل) مومن ناهي، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ<br>(سيپارو: 11، سورة توبہ: 111) | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ اللّٰه مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال هن بدلي ۾ خريدي ورتا. |

معلوم ٿيو: هر مومن جو مال ۽ ان جي جان الله پاڪ جي ملڪيت آهي، لهٰذا ڪو مومن پنهنجي ڪنهن شيءِ ۾ ملڪيت جي دعوا نہ ٿو ڪري سگهي.[1]

## صدقي جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ مثال آهي: فرض ڪيو اسان جو ڪو عزيز، ڪو دوست وغيره پنهنجو مال امانت طور اسان وٽ رکرائي ۽ چئي تہ ضرورت هجي تہ هن مان استعمال بہ ڪري وٺجو، پوءِ اهو اسان کي چئي: مان فلاڻي شخص کي موڪلي رهيو آهيان، منهنجي مال مان هيتري رقم ان کي ڏيو! ڇا اسان انڪار ڪنداسين؟ ڇا اسان جو انڪار ڪرڻ درست هوندو؟ نہ...!! هرگز درست نہ هوندو.

پوءِ ٿورو سوچيو: اسان وٽ جيڪو مال آهي، هي اسان جو ناهي، الله پاڪ جو آهي، اهو ئي ان جو خالق آهي، اهو ئي مالڪ آهي، اسان کي ان عطا فرمايو، اسان ان جي مال جي معاملي ۾ الله پاڪ جي احڪامن جا پابند آهيون، اهو حڪم ڏي: ان مان اڍائي فيصد (2.5٪)زڪوات ڏيو: اسان زڪوات ڏئي ڇڏينداسين، ان جو حڪم ٿي فطرو ادا ڪيو! اسان فطرو ادا ڪري ڇڏينداسين هو جيڪو حڪم فرمائي، اسان ڪرڻ جا پابند آهيون پر الله پاڪ جون ڪرم نوازيون ڏسو! **مال الله پاڪ جو آهي، پيدا ان ڪيو آهي، اسان کي ان عطا فرمايو آهي، پوءِ اسان ان جي حڪم تي، انهيءَ مال کي، انهيءَ جي راهہ ۾ خرچ ڪيون تہ الله پاڪ ان کي قرض فرمائيندو آهي ۽ ان تي وڏي اجر جو واعدو بہ فرمائيندو آهي.** جي ها! قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

---

[1] اَلْاَنْوَارُ الْقُدْسِيّۃ فی بیان آداب العبودیہ،صفحہ:31 خلاصۃً۔

مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِیْرَةًؕ-وَ اللّٰهُ یَقْبِضُ وَ یَبْصُۜطُ۪-وَ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ(۲۴۵)

(سيپارو: 2، سورة بقرة: 245)

ترجمو كنزالعرفان: آهي ڪو جيڪو الله کي چڱو قرض ڏي تہ الله ان جي لاءِ ان قرض کي تمام گهڻو وڌائي ۽ الله تنگي ڏيندو آهي ۽ وسعت ڏيندو آهي ۽ توهان انهيءَ جي طرف موٽايا ويندؤ.

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: راهِ خُدا ۾ اخلاص سان خرچ ڪرڻ کي قرض سان تعبير فرمايو، هي الله پاڪ جو ڪمال درجي جو لطف ۽ ڪرم آهي ڇوتہ ٻانهو ان جو خلقيل ۽ ٻانهي جو مال ان جو عطا فرمايل آهي ۽ حقيقي مالڪ بہ اهو ئي آهي جڏهن تہ ٻانهو ان جي عطا سان مجازي مِلڪ رکندو آهي پر قرض سان تعبير فرمائڻ ۾ هي ڳالھ دل ۾ ويهارڻ مقصود آهي تہ جيئن قرض ڏيڻ وارو اطمينان رکندو آهي تہ ان جو مال ضايع ناهي ٿيندو ۽ اهو هن جي واپسي جو حقدار آهي ائين ئي راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ واري کي اطمينان رکڻ گهرجي تہ اهو هن خرچ ڪرڻ جو بدلو يقيناً ماڻيندو ۽ اهو بہ معمولي نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ماڻيندو. 7 ڀيرا بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ان کان لکين ڀيرا بہ ٿي سگهي ٿو. **صدقي سان دنيا ۾ بہ مال ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ آخرت ۾ بہ اجر ۽ ثواب ملندو آهي.** دنيا جي جيڪڏهن لکين امير ماڻهن جو سروي ڪيو تہ توهان کي خبر پوندي تہ انهن جي اڪثريت صدقو ۽ خيرات ڪثرت سان ڪندي آهي ۽ لکين غريبن کي ڏسو تہ انهن جي اڪثريت صدقو ۽ خيرات کان پَري ڀڄندي آهي.

## پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو!

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! صدقي جي فضيلتن تي غور فرمايو! جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي عطا ڪيل مال کي الله پاڪ جي ئي راهہ ۾ خرچ ڪري،

الله پاڪ ان کي قرض فرمائيندو آهي ۽ ان تي ڪيئي ڀيرا اجر جو واعدو به فرمائي رهيو آهي. پوءِ ڇا سبب آهي جو اسان انهيءَ جو ڏنل مال ان جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪيون. اسان کي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ گهرجي، دل کولي ڪرڻ گهرجي. ان ۾ اسان جي ئي ڀلائي آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَاَنۡفِقُوۡا فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَلَا تُلۡقُوۡا بِاَیۡدِیۡکُمۡ اِلَی التَّہۡلُکَۃِ ۚۖۛ

(سيپارو: 2، سورة بقرة: 195)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله جي راهه ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجي هٿن سان پاڻ کي هلاڪت ۾ نه وجهو.

يعني راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ بند ڪري يا گهٽ ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نه وجهو. روايتُن ۾ اچي ٿو: انصار صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہم صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، هڪ سال انهن کي تنگدستي جو منهن ڏسڻو پيو ته انهن راهِ خُدا ۾ صدقو ۽ خيرات ڪي روڪي ڇڏيو، ان تي هي آيت نازل ٿي.[1] ۽ فرمايو ويو ته راهِ خُدا ۾ مال خرچ ڪرڻ بند يا گهٽ ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نه وجهو!

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: راهِ خُدا ۾ خرچ نه ڪرڻ هلاڪت جو سبب آهي ❁ ظاهر آهي اسان صدقو ۽ خيرات نه ڪنداسين ته معاشري ۾ غربت وڌندي ويندي ❁ غريبن کي ڪير به پڇڻ وارو نه رهندو ۽ بُکَ وڌندي ❁ غريب ويچارا تنگي جو شڪار ٿي ڪري خودڪشي جي وات اختيار ڪندا ۽ ائين معاشري ۾ ٿي به رهيو آهي ❁ جيڪڏهن مالدار حضرات صدقو ۽ خيرات نه ڪندا ته مسجدن جو نظام ڪيئن هلندو؟ ❁ مدرسا ڪيئن هلندا؟ ❁ ٻارَ قرآن ۽ سنّت جي تعليم ڪيئن حاصل ڪري سگهندا؟ ❁ اسان جي نسلن تائين دين ڪيئن پهچندو؟ ائين ئي ٻيون ڪوڙ صورتون آهن جو جيڪڏهن اسان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ڇڏي ڏيون ته خود هلاڪت جو شڪار ٿي سگهون ٿا.

[1] تفسير صراط الجنان ،پاره:2، سورهٔ بقره،زيرِ آيت:195، جلد:1، صفحه:309- 310 خلاصةً

الله پاڪ اسان کي دل کولي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري، ۽ الله پاڪ جي ڏنل مال مان ان جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جي سعادت ۾ ماڻيون. اچو! راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل پڙهون ٿا:

## صدقو ڪرڻ سان ملائڪن جون دعائون ملنديون آهن

صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اهڙو ڪو ڏينهن نہ آهي جنهن ۾ ٻانها صبح ڪن ۽ 2 ملائڪَ نہ لهن جن مان هڪ چوندو آهي: الٰهي! سخي کي نهايت چڱو عيوض ڏي ۽ ٻيو چوندو آهي: الٰهي! ڪنجوس کي بربادي ڏي.[1]

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: يعني سخي جي لاءِ دعا ۽ ڪنجوس جي لاءِ بد دعا روزانو ملائڪن جي واتان نڪرندي آهي جيڪا يقيناً قبول آهي.[2]

## سخاوت الله پاڪ جي عطا مان آهي

حضرت ابنِ عبّاس رَضِیَ اللہ عَنْہُما کان مروي آهي فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم نورِ مُجسّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: سخاوت الله پاڪ جي عطا سان آهي، سخاوت ڪيو الله پاڪ توهان کي وڌيڪ عطا فرمائيندو، ٻڌو! الله پاڪ سخاوت کي پيدا فرمائي ڪري هڪ مرد جي صورت عطا فرمائي ۽ ان جي اصل کي طوبٰي وڻ جي پاڙ ۾ مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ ٽارين کي سدرةُ المُنتهٰي جي ٽارين سان مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ ان جي ڪجهه ٽارين کي دنيا جي طرف جهڪائي ڇڏيو تہ جيڪو شخص ان جي هڪ ئي ٽاري پڪڙي وٺي الله پاڪ ان کي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو آهي، ٻڌو! بيشڪ سخاوت ايمان مان ئي آهي ۽ ايمان جنّت ۾

---

[1] بخاری،کتاب الزکاۃ ،باب قول اللہ تعالٰی:فاما من اعطی...الخ ،صفحہ:402 ،حدیث:1442۔

[2] مراٰۃ المناجیح، جلد:3 ،صفحہ:69۔

آهي ۽ الله پاڪ بُخل کي پنهنجي غضب مان پيدا فرمايو ۽ ان جي اصل کي شجرِ زقوم (جهنم جي ڪَنڊن واري وڻ) جي پاڙ ۾ مضبو ط ڪري ڇڏيو. ان جون ڪجهه ٽاريون زمين جي طرف مائل ڪري ڇڏيون ته جيڪو شخص ان جي ڪنهن به ٽاريءَ کي پڪڙيندو آهي الله پاڪ ان کي جهنم ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو آهي، ٻڌو! بخل ناشڪري آهي ۽ ناشڪري جهنم ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي.[1]

## ماڻهو پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو

حضرت عُقبہ بن عامر رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي ته شهنشاهِ مدينه، قرار قلب و سينه صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هر شخص (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو ايستائين جو ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو ويندو.[2]

## بصرئي صدقو ڪري ڇڏي ها

حضرت يزيد بن ابو حبيب کان مروي آهي ته حضرت مَرثَد بن ابو عبدُ الله اهلِ مصر مان اهو پهريون شخص هو جيڪو شام جي وقت مسجد ۾ ويندو هو، راوي چئي ٿو ته مان ڪيس جڏهن به مسجد ۾ ويندي ڏسندو هيس ته سندن هٿ ۾ صدقو ڪرڻ جي لاءِ پيسا يا ماني وغيره ڪجهه نه ڪجهه ضرور هوندو هو. هڪ ڀيري مون انهن کي ڏٺو: هٿ ۾ بصر ڪٽي وجي رهيا آهن. مون عرض ڪيو: اي ابو الخير! هي بصر اوهان جي ڪپڙن کي بدبودار ڪري ڇڏيندو. فرمايائون: اي ابو حبيب جا پٽ! مون وٽ صدقو ڪرڻ جي لاءِ ٻيو ڪجهه نه هو ۽ مونکي هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ حديثِ پاڪ بيان فرمائي ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مومن جو ڏنل صدقو قيامت جي ڏينهن

---

[1] البخلاء للخطيب البغدادی ، وصف رسول اللہ ...الخ، صفحہ:48 ،حديث:17۔

[2] مسند امام احمد، جلد:7 ،صفحہ:189 ،حديث:17796۔

ان تي ڇانوَ هوندو. (بَس مان ان حديثِ پاڪ تي عمل ڪرڻ جي لاءِ بصر ئي ڪٽي آيُس).[1]

ميرے كاسے ميں تو اك سوت كى انٹى بھی نہ تھی

نام لكھوا ديا يوسف كے خريداروں ميں

## صبح ساجُهر صدقو ڏيندا ڪيو!

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مَروي آهي فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: صبح ساجُهر صدقو ڏيو جو بلا صدقي کان اڳيان قدم ناهي وڌائيندي.[2]

هڪ شخص حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ڪري چوڻ لڳو تہ منهنجو پٽ سمنڊ جي سفر تي ويو آهي اوهان الله پاڪ کان ان جي لاءِ دُعا فرمايو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: ان جي طرفان صدقو ڏي. ان وقت سمنڊ ۾ موجون اُٿي رهيون هيون ۽ جهاز ٻُڏڻ وارو هو، جڏهن ان شخص ان جي طرف کان صدقو ڏنو تہ هڪ چوڻ واري کي هي چوندي ٻڌو ويو: سوارو! توهان جي لاءِ سلامتي آهي بيشڪ الله پاڪ هي فديو قبول فرمائي ورتو.[3]

## صدقو ڪرڻ جا فضائلَ ۽ ثوابَ

صدقو ۽ خيرات ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عظيم سنّت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي جود ۽ سخاوت جي دروازي تان ڪو سوالي خالي هٿين نہ ويندو هو.[4] صدقو گناهن کي ائين مِٽائيندو آهي

---

[1] صحيح ابنِ خزيمہ، كتاب الزكاة، باب اظلال الصدقة صاحبها ...الخ،صفحہ:560، حديث:2432

[2] سننِ كبرى للبيہقى، كتاب الزكاة، باب فضل من اصبح صائما...الخ، جلد:4، صفحہ:506،حديث:7831۔

[3] نزہۃ المجالس،باب فضل الصدقہ،صفحہ:14۔

[4] فيضانِ سخى سرور،صفحہ:6۔

جيئن پاڻي باهہ کي وسائيندو آهي.[1] صدقو جهنّم جي باهہ کان بچائيندو آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي جيڪو الله پاڪ جي رضا جي خاطر صدقو ڪري تہ اهو صدقو ان جي ۽ باهہ جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي. صدقو الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو آهي ۽ بُري موت کي دَفع (يعني دور ڪندو) آهي فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صدقو ڏيڻ ۾ جلدي ڪيو جو بلا صدقي کي ناهي اورانگهيندي. صدقو ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[2] صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي.[3] صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي. مُسلمان جو صدقو ان جي عُمر کي وڌائيندو آهي. الله پاڪ صدقي جي برڪت سان تڪبر ۽ غرور کي دور ڪري ڇڏيندو آهي.[4] صدقو 70 قِسمن جي بلائن کي روڪيندو آهي جن ۾ گهٽ درجي واري بَلا بدن بگڙجڻ ۽ اَڇا داغ آهن.[5]

## صدقي جا 4 آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! جن کي الله پاڪ توفيق بخشي آهي، اُهي صدقو ۽ خيرات ڪندا ئي آهن، زڪوات ڏيڻ وارا زڪوات ڏيندا آهن ۽ ڪوڙ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها نفلي صدقو بہ ڏيندا رهندا آهن، الله پاڪ انهن سڀني جون ڪاوشون پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي.

صدقو ڪرڻ سان گڏو گڏ ان جي آداب جو لحاظ بہ ضروري آهي، سيپارو: 3، سورة بقرة، آيت: 261 کان 274 يعني 13 آيتن ۾ صدقي جي فضائل ۽ آداب کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، ڪوشش ڪري هنن مبارڪ آيتن کي پڙهو!

[1] ابنِ ماجہ ، کتاب الفتن ،باب کف اللسان فی الفتنہ ،صفحہ:649 ، حدیث:3973۔
[2] سننِ کبری للبیہقی،کتاب الزکاۃ ، باب التحریض علی...الخ ،جلد:4 ،صفحہ:379 ،حدیث:7751۔
[3] معجمِ کبیر،جلد:3 ،صفحہ:148 ،حدیث:4276۔
[4] معجمِ کبیر ،جلد:6 ،صفحہ:440،حدیث:13508۔
[5] تاریخِ بغداد،جلد:8 ،صفحہ:204 ۔

تفسير صراطُ الجنان، تفسير نورُ العرفان ۽ خزائنُ العرفان جي مدد سان انهن آيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ علمِ دين ٻه سکڻ جي لاءِ ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته نورِ قرآن سان دل روشن ٿيندي. اچو انهن آيتن ۾ بيان ڪيل صدقي جا آداب ٻڌون ٿا:

## (1_2): تڪليف ڏيڻ ۽ احسان جَتائِڻ کان بچو!

**صدقي جا پهريان** 2 **آداب** هي آهن ته ماڻهو صدقو ڏي ته جنهن کي صدقو ڏنو آهي، (1): نه ان کي تڪليف پهچائي، (2): نه ئي احسان جتائي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۶۲﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَآ اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿۲۶۳﴾

(سيپارو: 3، سورة بقرة: 262_263)

ترجموڪنزالعرفان: اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ پنهنجي خرچ ڪرڻ کان بعد نه احسان جتائيندا آهن ۽ نه تڪليف ڏيندا آهن انهن جو انعام انهن جي رب وٽ آهي ۽ انهن تي نه ڪو خوف هوندو، ۽ نه اهي غمگين ٿيندا. چڱي ڳالهه چوڻ ۽ معاف ڪرڻ ان خيرات کان بهتر آهي جنهن کان بعد ستائڻ هجي ۽ الله بي پرواهه، بردبار آهي.

معلوم ٿيو: جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪن ٿا، الله پاڪ جي راهه ۾ پنهنجو مال ڏين ٿا، پوءِ جيڪڏهن جنهن کي صدقو ڏنو آهي، نه ان کي تڪليف ڏين، نه احسان جتائين ته انهن جي لاءِ الله پاڪ وٽ وڏو اجر ۽ ثواب آهي، اهو قيامت جو هولناڪ ڏينهن جڏهن سج باهه وَسائي رهيو هوندو، ٽامي جي زمين باهه جيان ٽهڪي رهي

هوندي، ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، نفسي نفسي جو عالَم هوندو، ان ڏينهن راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ ۽ احسان جتائڻ کان بچڻ واري کي نہ ڪو غم هوندو، نہ خوف هوندو.

## احسان جتائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ جون مختلف صورتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ان ۾ اهي غور ڪن جيڪي صدقو ۽ خيرات تہ ڪندا آهن، الله پاڪ جي راهہ ۾ مال تہ خرچ ڪندا آهن پر پوءِ ويچارن غريبن کي ستائيندا رهندا آهن، انهن کي طعنا مهڻا ڏيندا رهندا آهن تہ ❁ تون غريب هئين ❁ مفلس ۽ مجبور هئين ❁ نالائق هئين ❁ مون ئي توکي مال ڏنو ❁ تون منهنجي ٽڪرن تي پلجي رهيو آهين ❁ ائين ئي جيڪي ويچارن غريبن جون تصويرون يا وڊيوز ناهي ڪري سوشل ميڊيا تي رکندا ❁ پوسٽ نهرائيندا يا اخبارن ۾ ڇپرائيندا آهن، انهن کي غور ڪرڻ گهرجي، ان وقت جي واهہ واهہ جي خاطر ڪيتري وڏي ثواب کان محرومي جو سامان ڪري رهيا آهن. الله پاڪ اسان کي خالص الله پاڪ جي رضا جي خاطر ثواب جو اميدوار ٿي ڪري راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## احسان جتائڻ گناهہ آهي

ياد رکو! (1): احسان جتائڻ ڪبيره گناهہ، حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[1] (2): صدقو ڏئي ڪري احسان جتائڻ سان صدقي جو ثواب ضايع ٿي ويندو.[2] (3): احسان جتائڻ سان عام طور مسلمان (يعني جنهن کي صدقو وغيره ڏنو، ان) جي دل آزاري بہ ٿي ويندي آهي، تنهنڪري احسان جتائڻ جي گناهہ کان توبهہ

---

[1] تبيين المحارم ،الباب الثالث و العشرون ...الخ،صفحہ:134 ملتقطاً۔

[2] فيض القدير ،جلد:2، صفحہ:317، تحت الحديث:1769۔

جي لاءِ ان شخص کان معافي گهرڻ به ضروري آهي، نه ته توبهه مڪمل نه ٿيندي.

## (3): رياڪاري کان بچو!

صدقي جو ٽيون ادب هي آهي ته صدقي ۽ خيرات ۾ نيّت سُني رکي وڃي، صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ صدقو ڪيو وڃي، رياڪاري، ڏيکاءُ ۽ پنهنجي واهه واهه جي خواهش نه رکي وڃي. جيڪي ماڻهن کي ڏيکارڻ يا پنهنجي واهه واهه ڪرائڻ جي لاءِ راهِ خُدا ۾ خرچ ڪندا آهن، الله پاڪ انهن جي لاءِ عبرتناڪ مثال ذڪر ڪيو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَیْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًاؕ لَا یَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَیْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْاؕ<br>(سيپارو: 3، سورة بقرة: 264) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيئن هڪ لسو پٿر هجي جنهن تي مٽي آهي پوءِ ان تي سخت بارش پئي جنهن ان کي صاف پٿر ڪري ڇڏيو، اهڙا ماڻهو پنهنجي ڪمايل عملن سان ڪنهن به شيء تي قدرت نه ماڻيندا. |

جهڙيءَ طرح منافق انسان ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي واهه واهه ڪرائڻ جي لاءِ مال خرچ ڪندو آهي پر ان جو ثواب برباد ٿي ويندو آهي اهڙيءَ طرح فقير تي احسان جتائڻ واري ۽ ان کي تڪليف ڏيڻ واري جو ثواب به ضايع ٿي ويندو آهي. ان جو مثال هيئن سمجهو ته جيئن هڪ لسو پٿر هجي ۽ ان جي مٿان مٽي پيل هجي، جڏهن ان تي تيز مينهن وسي ته پٿر بلڪل صاف ٿي ويندو آهي ۽ ان تي مٽي جو نالو نشان ئي باقي ناهي رهندو. اهو ئي حال منافق جي عمل جو آهي جو ڏسڻ وارن کي معلوم ٿيندو آهي ته عمل آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي تمام عملَ باطل ٿيندا.

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ماڻهو پنهنجي محنت جي ڪمائي راهِ خُدا ۾ خرچ ڪري، پوءِ رياڪاري جي سبب ان جي ثواب جو حقدار

بہ نہ رهي بلڪ بيٽو رياڪاري جي سبب گناھ جو حقدار قرار ڏنو وڃي تہ هي ڪيڏو وڏو نقصان آهي.

## سڀ ڪان وڌيڪ نقصان ۾ ڪير...؟

الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلۡ هَلۡ نُنَبِّئُكُمۡ بِالۡاَخۡسَرِيۡنَ اَعۡمَالًا ؕ﴿۱۰۳﴾ اَلَّذِيۡنَ ضَلَّ سَعۡيُهُمۡ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَهُمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّهُمۡ يُحۡسِنُوۡنَ صُنۡعًا ﴿۱۰۴﴾

(سيپارو: 16، سورة ڪهف: 103_104)

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: ڇا اسان توهان کي ٻڌايون تہ سيني کان وڌيڪ ناقص عمل وارا ڪير آهن؟ اهي ماڻهو جن جي سموري ڪوشش دنيا جي زندگي ۾ تباھ ٿي وئي ۽ اهي هي خيال ڪري رهيا آهن تہ اهي سٺا ڪم ڪري رهيا آهن

هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ اهو شخص جيڪو دنيا ۾ محنت ڪندو رهيو، ڪوشش ڪندو رهيو، ان ظاهري طور پنهنجو وقت ضايع نہ ڪيو ۽ اهو سمجهي رهيو هو تہ مان تمام سُٺا ڪم ڪري رهيو آهيان، مان ڪوڙ نيڪيون ڪمائي رهيو آهيان پر جڏهن قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيو تہ معلوم ٿيو تہ اها سموري محنت، سموري ڪوشش تہ ضايع ٿي وئي، هي اهو شخص آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن سيني کان وڌيڪ نقصان ۾ هوندو. علّامہ قُرطبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن ٻانهي جا اعمال ضايع ٿي ويندا يا تہ ان ڪري جو هي بدعقيده هو، ڪافر هو، بدمذهب هو، يا وري **ان ڪري اعمال ضايع ٿي ويندا جو هي رياڪاري ۽ ڏيکاءُ ڪندو هو.**[1]

## رياڪار الله پاڪ کان بدديانتي ڪرڻ وارو آهي

هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاھِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!

[1] تفسيرِ قرطبی، پارہ:16، سورۂ کہف، زیرآیت:103،جز:10، جلد:5، صفحہ:302۔

قيامت جي ڏينهن ڪهڙي شيءِ نجات ڏياريندي؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله پاڪ سان بدديانتي نه ڪرڻ. ان شخص وري عرض ڪيو: ڀانهو الله پاڪ سان بدديانتي ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ فرمايائون: هن طرح جو تون الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري وارو ڪم غيرُ الله کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪرين. بَس رياڪاري کان بچندو رھ ڇوته رياڪاري شرڪِ (اصغر) آهي ۽ قيامت جي ڏينهن رياڪار کي 4 نالن سان سڏيو ويندو: (1): اي بدڪار! (2): اي ڌوڪيباز! (3): اي ڪافر! (4): اي نقصان کڻڻ وارا! تنهنجو عمل خراب ٿيو، تنهنجو عمل برباد ٿيو، اڄ تنهنجي لاءِ ڪو حصو ناهي، اي ڌوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا! پنهنجو ثواب ان وٽ تلاش ڪر جنهن جي لاءِ عمل ڪندو هئين.[1]

| | |
|---|---|
| ہم ریاکاری سے بچتے ہی رہیں | یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے! |
| نفس و شیطاں کی شرارت دور ہو | یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے! |

## لڪائي صدقو ڪرڻ جا فضائل

اي عاشقانِ رسول! زڪوات، فطرو، صدقو ۽ خيرات وغير اعلانيہ طور تي (يعني ماڻهن جي سامهون) ڏيڻ بہ جيتوڻيڪ جائز آهي، باقي عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ ڀانهو لڪائي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪري، هن طرح رياڪاري جي آفت کان بچڻ آسان آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِیَۚ وَ اِنْ تُخْفُوْهَا وَ تُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَیْرٌ لَّكُمْؕ

(سيپارو: 3، سورة بقرة: 271)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪڏهن توهان خيرات ظاهر ڪري ڏيندؤ تہ اها ڪهڙي نہ چڱي ڳالهه آهي ۽ جيڪڏهن توهان لڪائي فقيرن کي ڏيو تہ اهو توهان جي لاءِ سڀ کان بهتر آهي

[1] اَلْاِتْحَافُ الْخِيرة ،كتاب العلم،باب التحذير من الرياء...الخ،جلد:1، صفحہ:260 ،حديث:400۔

معلوم ٿيو: لڪائي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪرڻ اسان جي حق ۾ بهتر آهي.

## سيني کان طاقتور ڪير...؟

حضرت اَنس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي ته الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن الله پاڪ زمين کي پيدا فرمايو ته لوڏا کائڻ لڳي ته الله پاڪ جبلن کي ان ۾ کوڙي ڇڏيو جنهن سان زمين بيهي رهي، ملائڪَ جبلن جي مضبوطي کان حيران ٿيا ۽ عرض ڪيائون: الٰهي! ڇا تو جبلن کان به وڌيڪ سخت ۽ مضبوط ڪا مخلوق پيدا فرمائي آهي؟ الله پاڪ فرمايو: ها! اهو لوهه آهي، انهن عرض ڪيو: الٰهي! ڇا تو لوهه کان به وڌيڪ مضبوط ڪا مخلوق بڻائي آهي؟ فرمايو: ها! اها باهه آهي. ملائڪن عرض ڪيو: مولا! ڇا باهه کان به وڌيڪ مضبوط ڪا مخلوق پيدا فرمائي آهي؟ ارشاد ٿيو: اهو پاڻي آهي. ملائڪن عرض ڪيو: اي ربّ! ڇا ڪا مخلوق پاڻي کان به وڌيڪ طاقتور پيدا فرمائي آهي؟ ارشاد فرمايو: اها هوا آهي. پوءِ اهي وري عرض ڪرڻ لڳا: اي پروردگار! ڇا هوا کان به وڌيڪ سخت ڪنهن مخلوق کي پيدا فرمايو آهي؟ الله پاڪ فرمايو: ها اهو انسان آهي جو جڏهن ساڄي هٿ سان صدقو ڪري ته ان کي کاٻي هٿ کان لِڪائي.[1]

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: اهڙو (پوشيده) صدقو ڪرڻ وارو سخي ان سرڪش نفس کي تابعدار ڪري وٺندو آهي جيڪو جبل کان وڌيڪ سخت، سمنڊ ۽ هوا کان وڌيڪ طوفاني آهي، نفس پهريان ته بخل سيکاريندو آهي جڏهن سخاوت ڪئي وڃي ته ڏيکاءُ کي پسند ڪندو آهي، هي خفيه سخاوت ڪرڻ وارو نفس جي ٻنهي خواهشن کي لتاڙي ڇڏيندو آهي ۽ نفس جي باهه کي وسائي ڇڏيندو آهي لهٰذا

---

[1] ترمذی ،کتاب تفسیر القرآن،صفحہ:776،حدیث:3369۔

وڏو بهادر آهي، خفيه صدقي سان غضبِ الٰهي جي باھ وسامندي آهي، ربّ جي رضا حاصل ٿيندي آهي، هي نعمتون جبل، لوھ، باھ، پاڻي، هوا کان حاصل نه ٿيون ٿي سگهن، تنهنڪري هي صدقو انهن سڀني کان بهتر آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي رياڪاري جي آفت کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

میرا ہر عمل بس تیرے واسطے ہو | کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی!

## (4): بهترين شيون راهِ خُدا ۾ خرچ ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! زڪوات ۽ ٻين صدقن ۽ خيرات وغيره جي آداب مان چوٿون ادب هي آهي ته ماڻهو پنهنجي مال مان بهترين شيون راهِ خُدا ۾ خرچ ڪري. قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَ مِمَّاۤ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ۪ وَ لَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَ لَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّاۤ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِؕ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ(۲۶۷)

(سيپارو: 3، سورة بقرة: 267)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڪ ڪمائين مان ۽ ان مان جيڪو اسان توهان جي لاءِ زمين مان ڪڍيو آهي (الله جي واٽ ۾) ڪجهه خرچ ڪيو ۽ خرچ ڪندي خاص ناقص مال (ڏيڻ) جو ارادو نه ڪيو حالانڪ (جيڪڏهن اهو ئي توهان کي ڏنو وڃي ته) توهان ان کي چشم پوشي ڪندي بغير قبول نه ڪندؤ ۽ ڄاڻ رکو ته الله بي پرواھ، حمد جي لائق آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: ڪجهه ماڻهو صدقي ۾ خراب مال ڏيندا هئا انهن

[1] مرأة المناجيح، جلد:3، صفحه:114۔

جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي ۽ فرمايو ويو تہ الله پاڪ جي راھ ۾ پنهنجو ڪمايل پاڪيزہ ۽ صاف سترو مال ڏيندا ڪيو! الله پاڪ جي راھ ۾ ناقص، خراب ۽ بيڪار مال نہ ڏيندا ڪيو، جڏهن توهان الله پاڪ کان سُٺي جزا چاهيو ٿا ان جي راھ ۾ مال بہ اعليٰ درجي جو ڏيندا ڪيو! غور ڪيو جهڙيءَ طرح خراب مال توهان راھِ خُدا ۾ ڏيندا آهيو جيڪڏهن اهو ئي مال توهان کي ڏنو وڃي تہ ڇا توهان قبول ڪندؤ! پهريان تہ قبول ئي نہ ڪندؤ ۽ جيڪڏهن ڪيو بہ تہ دل سان نہ وٺندؤ بلڪ دل ۾ بُرو ڄاڻيندي وٺندؤ جڏهن پنهنجي لاءِ سُٺو وٺڻ جي لاءِ سوچيندا آهيو تہ راھِ خُدا ۾ خرچ ڪيو ويندڙ جي باري ۾ بہ سُٺو ئي سوچيو. ڪيئي ماڻهو پاڻ تہ سُٺو استعمال ڪندا آهن پر جڏهن راھِ خُدا ۾ ڏيڻو هوندو آهي ناقابِلِ استعمال ۽ خراب قِسم جو ڏيندا آهن. انهن جي لاءِ هن آيت ۾ عبرت آهي.[1]

## خراب جي بدلي خراب

**پنهنجي** دؤر جا ابدال حضرت ابو جعفر بن خطاب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا، منهنجي دروازي تي هڪ سائل (يعني سواليءَ) صدا هنئي مون گهرواريءَ کان پُڇيو تہ ڇا تو وٽ ڪجهہ آهي؟ جواب مليو چار آنا آهن مون چيو، فقير کي ڏئي ڇڏيو، انهن ڏئي ڇڏيا. سائل آنا وٺي هليو ويو، اجان ٿوري دير مس گذري تہ مون وٽ هڪ دوست آنن سان پريل هڪ ٽوڪري موڪلي. مون گهران پُڇيو، هن ۾ ڪل ڪيترا آنا آهن؟ انهن چيو: 30. مون چيو: توهان تہ فقير کي 4آنا ڏنا هئا، هي 30 کهڙي حساب سان آيا! ڇوڻ لڳيون 30 آنا صحيح آهن ۽ باقي 10 ٻيڱل آهن، حضرت شيخ علامہ يافعي يَمني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا، ڪجهہ ماڻهو هن حڪايت جي متعلق بيان ڪن ٿا تہ سائل کي جيڪي آنا ڏنا ويا هئا انهن مان ٽي صحيح ۽ هڪ ٻيَڱل هيو. رب تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ۾ ڏھ ڏھ عطا فرمايا. صحيح جي بدلي صحيح ۽ ٻيڱل جي بدلي ٻيڱل.[2] الله پاڪ اسان کي بهترين شيون ڏيڻ، خوب دل

---

[1] تفسير صراط الجنان،پارہ:3 ،سورۂ بقرہ،زيرِ آيت:167 ،جلد:1 ،صفحہ:404۔
[2] روض الرياحين ،الحكاية الخامسة و العشرون بعد الثلاثمائة ...الخ،صفحہ:262۔

ڪولي ڪري صدقي جي آداب جو لحاظ رکندي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عطيات (Donation) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان ❁ دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ ديني خدمتون انجام ڏئي رهي آهي ❁ دعوتِ اسلامي هن وقت تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ❁ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (***Boys & Girls***) کي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 10489 (10 هزار489) مدرسةُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 341821 (3 لک 41 هزار821) ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني وڃي پئي. ❁ نابينا ٻارن جي لاءِ بہ الڳ سان مدرسہ قائم آهن. شروعات کان وٺي هاڻي تائين تقريباً 1،10،358 (هڪ لک، ڏهہ هزار 358) ٻارن ۽ ٻارڙن حفظ قرآن مڪمل ڪيو جڏهن تہ ناظره مڪمل ڪرڻ وارن جي تعداد3،89،752(3لک، 89 هزار 752) آهي ❁ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1310 (1 هزار310) جامعة المدينہ(ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 104857 (1 لک 4 هزار857) طالب ۽ طالبات کي درس نظامي(عالمِ و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 24257 (24 هزار 257) عالم و عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، مُعَلّم، عالم ۽ ڪيئي دارُالافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا

آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف آهن ۞ المدينة العلميہ (*Islamic Research Canter*) ۾ مختلف موضوعن تي تحقيق ڪئي ويندي آهي، هن شعبي ۾ هن وقت 142 مدني عالم سڳورا تقريباً 807 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ڪري فيضان علمِ دين عام ڪري چڪا آهن ۽ هي سلسلو جاري آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي (چوڪرن، چوڪرين) جون قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآن پاڪ (حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسَن جي ذريعي 77 ملڪن (*Countries*) ۾ ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پچائي پئي وڃي ۞ ”مدني چينل“ جي ذريعي 6 وڏين سيٽلائٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي.

**اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيندا! اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني ۽ اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو.**

الله پاڪ اسان کي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یا اللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! فيضانِ اولياء ماڻڻ، آخرت جو فڪر، خوفِ خُدا ۽ عشقِ مصطفٰي سان جهولي ڀرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ (*Linkup*)

تي وجو! 12 ديني ڪم بہ دل لڳائي ڪري ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو بہ آهي. اچو! ترغيب (*Motivation*) جي لاءِ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## سفرِ مدينہ جي سعادت ملي وئي!

شيخوپوره (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جي تحرير جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُلِلّٰه! مون کي عمرو شريف ڪرڻ جو شرف مليو، اتي قُصور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ قاري صاحب سان ملاقات ٿي، انهن ٻڌايو مون دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اتي خوب روئي روئي ڪري مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ دعا گهري.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدني قافلي ۾ گهريل دعا قبول ٿي ۽ منهنجي مديني شريف جي حاضري جا اسباب اهڙي جڳهہ تان ٿيا، جنهن جو مون کي گمان بہ نہ هو.[1]

مانگو آکر دُعا پاؤ گے مُدّعا | در کرم کے کھلیں قافلے میں چلو!
گر مدینے کا غم، چاہیے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (***Madani Qaida***). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (***Audio***) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾

[1] فيضان سنت،حصہ آدابِ طعام،صفحہ:462۔بتغير قليل

توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي کلک (Click) ڪندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ به فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سرمو پائڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: سيني سُرمن مان بهتر سرمو اِثمد آهي جوته هي نگاهن کي روشن ڪندو ۽ پلڪون وڌائيندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! ❁ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ❁ ڪارو سرمو يا ڪجَل زينت جي نيّت سان (يعني خوبصورتي جي نيّت سان) مرد کي پائڻ مڪروه آهي ۽ زينت مقصود نه هجي ته ڪراهت ناهي. ❁سرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي ❁ سرمو استعمال ڪرڻ جا 3 منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون

[1] تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
[2] ابن ماجه، كتاب الطب، باب:الكحل بالاثمد، صفحه:566، حديث:3497۔

(2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاٻي اک ۾ 2 (3): ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي ڪي سرمي واري ڪري ان کي ئي واري سان اکين ۾ لڳايو اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! اَدب ۽ تعظيم جا جيترا به ڪم آهن سڀ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، ٽنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سرمو پايو پوءِ کاٻي ۾.[1]

| | |
|---|---|
| عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آ ئے! | جو نقشِ پاکا لگاؤں غبار آنکھوں میں |

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

| | |
|---|---|
| اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو |
| عِلم حاصِل کرو! جَہل زائِل کرو! | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو |

اللّٰه پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] 550سنتيں اور آداب، صفحہ:38۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھہ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[4]

---

[1] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] ... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (1)

## ﴾2﴿ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455